دعا ۽ لبيڪ گوئي ۽ زاري ۾ مشغول رهيو سج لٿي کان پوءِ
توب ڇٽي قاضي ۽ خطيب وغيره سڀ هيٺ لٿاسين ٻه
جماعت سوڌا پهچي اوطاق تي آياسين ۽ روانا ٿياسين
سمهڻي جي وقت مشعرالحرام جنهن کي مزدلفه به
چوندا آهن اتي پهتاسين لهڻ بعد سانجهي ۽ سمهڻي جي
نماز اتي ادا ڪئي سين رات اتي خيريت سان گذاري ٻاڪ
ڦٽي بعد پهرئين وقت ۾ فجر جي نماز ادا ڪري مزدلفه ۾
وقوف ڪري مني ڏانهن روانا ٿياسين جتي اشراق جي
وقت اچي پهتاسين ۽ لهڻ کان پوءِ جمرة العقبه جو رمي ڪري
پنهنجي جاءِ تي موٽي آياسين ۽ مٿو ڪوڙائي احرام لاهي ڪپڙا
ڍڪياسين اڳين نماز بعد زيارت جي طواف لاءِ روانا ٿياسين
طواف پورو ڪري صفاء مروه تي ڊوڙي رات جو موٽي مني آيا
سين جو سنت جو طريقو اهوئي آهي

ٻارهين تاريخ جمرن کي پٿريون هڻيون سين ۱۲ تاريخ
زوال کان پوءِ روانا ٿي جمرن کي پٿريون هڻندا وڃين جي وقت
حرم محترم مڪه معظمه زادها الله شرفا وتعظيما ۾ داخل
ٿياسين ۽ حج جا رڪن پورا ٿيا. باقي طواف الصدر ورهيو
جنهن کي وداع جو طواف به چوندا آهي جو مدينه منوره ڏي
روانگي وقت بجاءِ آندو ويو سندس نعمتن ۽ احسانن
جا هزارها شڪرانا.

جن حاجين مدينه منوره جي آستان بوسي جو شرف حج کان

اڳيئي پهچي حاصل ڪيو هو سي تيرهين تاريخ کي سوار ٿي پيادل پر تمام
تڪڙا جده شريف ڏانهن روانا ٿي ويا. حب الوطن انهن
کي اهڙو ته مجبور ڪيو جو جده شريف ڏانهن جيئن ته ڪيئن
ڪشش ڇڪيائي ويا. ڪرندي جهرندي ڪيئن به ڪري
پاڻ کي جده شريف پهچايائون. جده ۾ پنج ڇهه جهاز موجود
هوا حاجين جي ڪثرت سبب جهاز جو پاڙو بمبئي تائين ڊيڪ
لاءِ پنجهتر رپيا ٿي ويو

حضرت فضل محمد صاحب ولد حضرت فضل قيوم صاحب
جو گذريل سال حج لاءِ آيو هو پر قرنطين وغيره جي ڪري
واٽ تي جهاز ۾ ٽڪر ترسي پيو هو جنهنڪري حج ان کان فوت
ٿي ويو هو تنهنڪري هو هڪ سال هتي رهيو هو هن وقت اهو
پڻ جده ڏانهن روانو ٿيو

ذوالحج جي سورهين تاريخ مدينه شريف لاءِ اسان به اٺ
پاڙي ڪرڻ شروع ڪيا ڪرائي ڪري پورو. مطلب ته اسان
جي جماعت ١٢ اٺ شيخ محمد ولد شيخ حسين مطوف
جي معرفت في شگدف ٻتيهن عيدين يعني اٽڪل
ٽيهه رپيا في شبري جو ٽيهن عيدين اوت موٽ جدي تائين
پاڙو مقرر ٿيو. ڪرائي جي سپرد تم خليل الله نالي شتربان
کي ڏني ويئي جو رابغ جو ديسي هو. اڻويهين تاريخ روانا
ٿياسين پنجين منزل تي رابغ ۾ پهتاسين هڪ ٻيو ڏينهن
اتي رهي ٻئي ڏينهن اڳتي روانا ٿياسين ۽ ستين منزل تي هاهم

جي جنس جا اگهه پورو پئو آهي مڪه معظمه جي نسبت ۾ ته گهڻو
سهانگو آهي چانور رپئي جا چار سير (روپيو هندوستاني)
ڪٽڪ في رپئي ٥ سير جا تمام جام هئي گوشت في رپيو
٣ پاءُ، گيه في رپئي سوا ٻه پاءُ هو

حضرت سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جن جو
حرم شريف سا ڳي اڳين طرح في هر مڪر اڳي موم بتين ۽
زيتون جي تيل جي روشني ٿيندي هئي هاڻي انهن سان گڏ
بجلي جي روشني جي جهرمر به جڳ مڳ ڇهتر لائي بيٺي آهي

مدينه منوره جي بيگو دائي ۾ خواه ملڪ ۾ بدوين
جي شورش جا حال ٻڌڻ ۾ پئي آيو انڪري خيال ٿيو ته
اُحد جبل ۽ اتي جي شهيدن جي زيارت ترڪي پوليس
جي نگهبانن کان سواءِ تمام مشڪل ۽ خطرناڪ آهي

معلوم ٿيو ته مدينه منوره ۾ اسان جو هڪ هفتي تائين
رهڻ شورائت جي خوف ۽ اضطراب ڪري رفيقن جا ٻه جٿا
ٿي پيا اخوي غلام دستگير، اخوي محمد حسين صاحب
پنهنجن ماڻهن سوڌا جن ٥ ڄڻن واپس وڃڻ ۽ فقير
پنهنجن رفيقن سيد عبد الله شاه ۽ وڏيري محمد حسن
وغيره سوڌو جملي اٺن ڄڻن شام جو رستو اختيار ڪيو
عجيب اتفاق ٿيو جو جن ٥ ڄڻن قافلي جي روانگي ۽ شام
ڏانهن ريل جي روانگي ٻنهي هڪ وقت يعني ٢٩ تاريخ
محرم جي خميس ڏينهن منجهند جي وقت شروع ٿيون.

اسين ٻه هڪ ٻئي ڪلاڪ موڪلائي روانا ٿياسين ۽ مدينه
منوره جي اسٽيشن تي اچي ٽڪيٽ ورتي سين في ماڻهو ٢٢
ترش يعني ٻاهه رپيا ست آنا ڏنا ويا جمله ٽڪيٽون
ورتيون سين. جنهن صورت ۾ ريل جو ذڪر آيو آهي تنهن
صورت ۾ مناسب نظر ٿو اچي ته حجاز ريلوي جو ٿورو احوال
هت لکجي.

ٻه ريائي اصطلاحي نالا جي اتي ڪم اچن ٿا سي لکجن ٿا.
ريل گاڏي کي بابور چوندا آهن. ٽڪيٽ کي بليط ۽ ريل رستي
کي سڪه، سٽيشن کي محط. انجڻ کي مڪتينه، ٽڪيٽ
ماسٽر کي مامور. اسٽيشن ماسٽر کي مدير ۽ مفتش، تار کي
تلگراف ۽ ريل جي هرهڪ گاڏي کي ارقون چوندا آهن.
حجاز ريلوي جو سنئو ويڪر ۾ هن انگريزن جي گاڏين جي
رستي کان گهٽ آهي ليڪن راجا واري گاڏي جي رستي
کان زياده آهي. سيڪنڊ انجڻ جي پٺيان ماڻهن جا
چار گاڏا ٻڌندا آهن جن مان هڪ گاڏو ٻه گهرو هوندو آهي
جنهن جا اڌ سيڪنڊ ڪلاس ۽ اڌ فرسٽ ڪلاس آهي
مال ۽ وهٽن لاءِ ڪجهه ٻيا گاڏا ٻڌندا آهن. حجاز ريلوي
جي اسٽيشن جو انتظام اجائتو آهي انڪري محط
ڌا اسٽيشن اڳي ڀڃي کان اڳئي ريل هلندي ريلوي جا نوڪر
اچي ٽڪيٽ واپس وٺندا آهن مسڪين ماڻهو حجاز
ريلوي ۾ بنا ٽڪيٽ چوري گهڙي چڙهندا آهن تنهنڪري

انگريز سرڪار جي رکيل ڪان جهاز ريلوي به هلندي تنهن
جاچڻ جي ضرورت زياده ٿي پئي ۽ جنهن کي بنا ٿيت
پهڪڙ بيٺا آهن تنهن کي اگهين سٽيشن تي فقط هيٺ
لاهي ڇڏيندا آهن مارڪيٽ يا تيڏ جي سڀ انگي ڪلاڻ
هلندي آهي.

مدينه منوره کان سيڪنڊن هفته ۾ ٻه ڀيرا يعني گاڏي
پهرين ڏينهن چاشت يعني ٻيرن جي وقت گاڏي رواني
ٿيندي آهي جا ٻئي ڏينهن پير تبرڪ جي سٽيشن تي پهچي ٿي
تبرڪ اهو هنڌ آهي جتي حضرت سرور ڪائنات صلي
الله عليه وسلم جن ڪافرن سان جنگ لاءِ تشريف فرمايا
هوا ۽ فتحياب ٿي موٽي پٺ تي موٽيا هوا. هي مدينه منوره
کان ١٢ منزلن پري آهي

جهاز ريل گاڏين جو نمونو انگريزي ريل گاڏي جهڙو ئي
آهي سيڪنڊ گاڏي کي ٻه دروازا آهن هڪ سنيءَ
پير جي گاڏي ۾. هڪ انگريزي ريل گاڏيءَ ۾ پر فرسٽ
ڪلاس گاڏين کي هرڪا آهن ۽ سيڪنڊ گاڏي ۾ سني
کان پٺاڙي تائين وچ لاءِ هڪ سفر جي گهٽي ڇڏيل
هوندي آهي ۽ وچ جا تختا لڳل ٿي تا ۽ هر هڪ آهي ڪڍڻ
گاڏي ۾ ١٠ يا ١٢ تختا نمبر آهن هر هڪ ڪاڻ
ماڻهن لاءِ هوندو آهي پر ٻئي تختا اصل سنڌي ۾ بند
لاءِ آهن جن مان هر هڪ کي ڪرڻ دراز ڪي ١٠ آهي

جي سيني ماڻهن ڇنڇا ڇنڇا هت ڪري ڏيکيا اتان اٽڪل
..ادڪوهن پري سرڪاري تنبو لڳل هوا هو هڪ تنبو ۾ ٽن ڄڻن
جي حاجي هئي اسين پوءِ اتي ويا سين اٽڪل ۵-- ٦٠
تنبو لڳل هوا جنکي چوڌاري تار جو مضبوط چاريءَ لوڙهو
هو انجي نزديڪ ٻيا ٻه ايترائي تنبو لڳل هوا ۽ انهن کي ٻه
ساڳي طرح تار جو لوڙهو ڏنل هو ٻه ترنطين منڪري
هوا جو سيڪنهن ريل گاڏي کي ڏارڊ لو ترنطين ڪندا
آهن تن انهن جاما ٿهو پاڻ ۾ گڏ جي نه وڃن. اتي هڪ
دڪان هو جنهن ۾ گاڏي پيتي جو سامان ميوو ۽ گوشت
وغيره موجود هو ۽ ان وقت جي اکڙتي مسافرن کي اتان
سامان ملي وڃي. سڙ پالي ۾ ڪانيرن ڦد بموجب سرڪاري
ملن ٿيون ۽ راتيون اتي اسانکي بيڪار ترسائي ڇڏيائون
رڳو ڏهاڙي ۽ اڪثر اچي ڏسي ويندو هو.

چوٿين ڏينهن ساڳي وقت جنهن وقت لٿا هئاسين
وري گاڏي ۾ سوار ٿياسين ٻي ڏينهن صبح جو عمان ۾
پهتاسين. عمان ۾ پهچڻ کان اڳ ڪي شامي ماڻهو ملاقي
ٿيا هوا تن صلاح ڏني هئي ته عمان ۾ لهو ۽ انهن لاءِ چڱو
نه آهي جو هن وقت لشڪر جي ترقي ڪري قدس شريف
تائين سواري جو ميسر ٿيڻ مشڪل آهي ازان سواءِ اهو
رستو خوفناڪ ته آهي تنهنڪري چڱو آهي ته توهين درعا
جي رستي وڃو جاها وڏي جنڪشن اسٽيشن آهي جتان

دمشق ۽ حيفا ڏي رستو وڃي ٿو هير ٻئي ڏينهن عمان ۾ پهتا
سين ۽ عمان جون ٽڪيٽون اتي ڏنيون درعا جون ٽڪيٽون
في ٽڪيٽ ساڍي ڇهين رپئين ڪري ورتيون سين

فائده - درعا شام جي قديم شهرن مان هڪ
شهر آهي جو نهر جي ڪناري تي آهي ان ۾ سلطان يوسف
ايوبي جي ٺهرايل جامع مسجد آهي شهر اسٽيشن کان اٽڪل
هڪ ميل ڏکڻ طرف تي آهي هتي جا ماڻهو عرب ۽ شامي
آهن هي شهر تمام آباد ۽ با ترتيب آهي سندس بازار ۽
عمارتون عمديون آهن هتان هڪ ريل جو رستو دمشق ڏي
۽ ٻيو حيفا ڏي وڃي ٿو. اسين ٻنهي مهل اچي اسٽيشن تي
لٿاسين ۽ گاڏي دمشق ڏي رواني ٿي. حيفا بابت پڇا ڪئي
سين جواب مليو ته اها گاڏي موجود ڪانهي. جڏهن آئي
تڏهن اوهان کي اطلاع ڪبو. ان وقت منجهند ٿي ويو
۽ مڙدي ٻڙادي هئي. اسٽيشن جي نزديڪ اسان هڪ
ننڍي ڪوٺي اڌائي رپيا روزانه مسواڙ تي ورتي ۽ گاڏي جي
انتظار ۾ اتي ترسيا سين. ٽي راتيون ۽ چار ڏينهن اتي
بيڪار ويٺا هواسين اتان چار ٻه ريل گاڏيون ڏماڙي
حيفا ڏي ٻيون ويون جن ۾ لشڪر ۽ ان جو سامان. اُن
۾ گهوڙا هوندا هوا ان ۾ مسافرن خواه رعيت جي ماڻهن
کي چڙهڻ نه ٿي ڏنائون.

چوٿين رات ٽپال گاڏي آئي ۽ حيفا ٻنهي جا ٽڪيٽ

وڃناسين. هر هڪ ٽڪيٽ جو ملهه سوا ٻه مجيديون يعني
پنج رپيا ۽ ڏهه آنا ڏنوسين. شام جي وقت گاڏي رواني ٿي
جهٽ ۾ مينهن جو شور هو ٿڌو ٿي سردي جو زور هو. هڪ
ته سياري جي موسم هئي ٻيو ته شام ملڪ ۾ ڪاري سرد
آهي ان ڪري گهڻي تڪليف ٿي. بهرحال گهڻي بيڪاري
کان بعد حيفا ۾ اچي پهتاسين. اتي گاڏي تان لهي بندر
کان ساحل ڪناري شهر ۾ وياسين. جنهن صورت ۾
حيفا جو ذڪر آيو آهي تنهن صورت ۾ انجو ڪجھ احوال
هت لکجي ٿو:-

حيفا شهر اچي سمنڊ جي بندرن مان هڪ بندر آهي
جنهن جي هڪ پاسي اچو سمنڊ آهي ته ٻي طرف جبل الشيخ
سيجو سرسبز ۽ ساوو آهي ۽ ساروئي سرهو. ساون وڻن ۽
شامي زيتون جي درختن سان ڇانيو پيو آهي ان ڪري
هي شهر نهايت خوبصورت ۽ خوش وضع ٺهيل ۽ اچي ٿو
هنجون عمارتون نهايت عاليشان مڪلف ٺهيون اچي
پڪين جون ٺهيل آهن. هن ۾ ڇهه ست هزار گهر شيدا رهاڪو
مسلمان، يهودي ۽ نصارا آهن ۽ مسافرخانا نهايت عمدا
آهن جن کي انهن جي اصطلاح ۾ لوڪنڊا ڪري
سڏيندا آهن اسين به هڪ مسافرخاني ۾ وڃي لٿا
سين جنهن کي لوڪنڊا بهار ڪري ٿي سڏيا ٿن ۾
ڪوٺيون ورتيون سين هر هڪ ماڻهو لاءِ هڪ رات جي

شايد ائين نه هوجو وچين جي وقت خبر پيئي ته جهاز
بيروت جي بندرگاه کان سڌو سڪندريه هليو ويو هن طرف
ته آيو هن خبر ٻڌڻ سان ڪي رفيق خوش ته ڪي ناخوش
ٿيا اتي رهي ٻئي ڏينهن مٿين صاحب جي معرفت جهاز
جي ايجنٽ کان ٽڪيٽن جا پيسا واپس ورتاسين هي وڏو
غنيمت سمجهو پنهنجن رفيقن مان سيد عبدالله شاهه
وزيري محمد حسن ۽ سندس ماڻهن کي جدي اڳاڙي جي
ڏينهن ياد رهين تاريخ صفر مهيني جي برخوردار عبدالله جان
۽ نوڪر رفيق حاجي قلندر بالي پناڻ ۽ ٻين هندستاني
جي مدينه منوره ۾ رفيق ٿيا هوا تن کي سان ڪري تنهن ۾
سڀهن وسندي اسرجي هل حيفا استيشن تي آياسين
سجا ايرڻ مهل گاڏي رواني ٿي ٻن ڪلاڪن ۾ عفوله جي
جنڪشن تي آياسين هر هڪ جو ڀاڙو سوا ڏه قرش يعني
سوا رپيو ٽوولو. عفوله جنڪشن آهي جتان بيورستو
سيلم ڏي ٽو وڃي سيلم بيت المقدس جي رستي تي آهي
انهن ڏينهن ۾ اسان جي قسمت ۾ هي سفر تڪميل هو
بيت المقدس جي ريلوي لائين سيلم استيشن تائين تيار ٿي
ويئي هئي جيا ٿون ته اتان قدس شريف ڏي خشڪي جي
واٽ آهي سيا ٽي شام تائين اتي پهچي ويندا. عفوله ۾ هڪ
مسافر خانه هو اتي وڃي جاءِ ورتي سين جتي تڪ هينهن
۽ لشڪر جي سپاهين جي هجوم ڪري گهڻي تڪليف سهڻي

جي زماني ۾ اسلامي لشڪر حضرت ابوعبيده بن الجراح رضه ۽
حضرت خالد بن وليد سيف الله رضه جي سرداريءَ هيٺ
گهيرو ڪيو. اسلامي لشڪر جي بهادريءَ ۽ ٻنهين
سردارن جي ڀيڙ ڪوشش هوندي به جي شهر فتح
ٿي نه سگهيو لاچار ٿي خليفي کي خبر ڪيائون حضرت
فاروق اعظم رضه جي عربي لباس ۾ سادي وضع ۾
اچڻ شرط ئي قلعو جنگ ۽ خونريزي کان سواءِ فتح
ٿيو جنهن جو قصو تاريخ ۾ تفصيل سان مذڪور آهي
ان ڪانپوءِ اڄتائين مسلمانن جي هٿ ۾ رهندو آيو آهي
انشاءالله تعالیٰ اميد آهي ته قيامت تائين مسلمانن
حاڪمن جي هٿ ۾ رهندو ايندو. شهر جون عمارتون
پٿر جون آهن جي چاليهن هزارن کان زياده ٿينديون
آدم شماري به لڳ چاليهه هزار ٿيندي. بني اميه خليفن
خاص ڪري وليد بن عبدالملڪ هن ۾ تمام عمديون
عمارتون تعمير ڪرايون هيون ۽ مسجد اقصيٰ به بخت نصر
جي خرابي بعد وري ٺهرايا ويا جي اڄتائين اهڙيون ئي
بيٺيون آهن ان کانپوءِ بادشاهه عادل يوسف صلاح الدين
جو ايوبي بادشاهن مان هو تنهن ٥٨٠ع ۾ انهن عمارتن
جي ورائي تجديد ڪرائي جزاهم الله خيرا. ان کانپوءِ
سلطان قلاحن سنه ٦٢٦ع ۾ تعمير ڪرائي ان بعد ترڪي
بادشاهن مان سلطان محمود ان جي مرمت ڪرائي هئي

ان مسجد شريف جو بنياد حضرت سليمان عليه السلام جي
اصل واري مسجد تي قائم آهي هن مسجد جي ڪشادگي ۽
وسعت ايتري ته آهي جو سڄي روءِ زمين تي ويڪرائي ۾ ڪا به
مسجد هن شان کان هن ڪانه هوندي. دهلي واري شاهجهان
جي مسجد ۽ عالمگير جي لاهور واري مسجد ته تمام وڏيون
آهن ليڪن اهي ٻئي هن مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ ماپي
وڃن يون ان ٻنهان هن جي ڪشادگي جو خيال ڪجي
هن وقت سڄي سرسبز آهي سرو ۽ زيتون جا وڻ منجهس
تمام جهجها آهن سنڌس وچ ۾ هڪ صخرو تمام ڪشادو ۽
وسيع آهي جنهن کي سنگ مرمر جو فرش آهي ان صخري تي
هڪ عظيم الشان قبو آهي جنهن جي بزرگي ۽ خوش اسلوبي
ڏسڻ سان ٿي تعلق رکي ٿي صخري جي بلندي صحن کان
ست گز آهي ۽ قبي جي بلندي صخري جي سطح کان ٥٠
گز آهي هن قبي مبارڪ جي چوڌاري هڪ اٺ ڪنڊو
چبوترو آهي جو سماق جي ٿنڀن تي بيٺو آهي انهيءَ جي ڇت آبنوس
جي آهي جنهن تي سونهن جو ڪم ٿيل آهي پتيون ڏاڍيون عمدي
سنگ مرمر جون الس ۾ ٽڪن چڙهيل جاري لڳل آهي
هن چبوتري جي ديگر سڀڪنهن طرف ١٩ گز آهي سڄي
۾ سنگ مرمر جو فرش آهي جنهن تي عمدا غاليچا وڇايل
آهن قبي شريف ۾ اندر صخره شريف آهي صخره هڪ
پٿر جو نالو آهي جنهن جو مقدار هڪ ننڍي ڪوٺي جي جيت

جنهن تي سارا غلاف ۽ پڙ چڙهيل آهن ان تي لکيل آهي
هذا قبر نبي الله حضرت سليمان عليه السلام. ۽ مسجد
اقصيٰ جي حاطي اندر قبلي طرف هڪ مسجد آهي جنهن
کي ٿنڀا ساوا آهن ڪي سنگ سماق جا ڪي ڳاڙها ۽
ڪي ساوا آهن ان ۾ ڪمدن غاليچن جو فرش وڇايل آهي
اها مسجد اڄ ڪلهه جامع مسجد شهر جي آهي ۽ تمام
آباد آهي اها عمارت ٻه ٻه سو گز ويڪري ٿيندي ايتري
ڊگهي آهي جو انگل ڏهه هزار ماڻهو گڏ جي ڪشادگي سان
ان ۾ فرض پڙهي سگهن ٿا ايتري وسعت هوندي به
اها مسجد، مسجد اقصيٰ جي ڪنڊ ۾ ننڍي آهي جو
نئين ماڻهو کي بنا خيال جي يڪدم نظر نٿي اچي. مسجد
۾ اندر ڪيترا اصحابن جي محراب نشان موجود آهن انهن
مان هر هڪ جي ته عليحدي عليحدي مسجد آهي. ان ڳالهه جو
وڏو عجب آهي جو هيءَ مسجد هيتري ڪشادگي ۽ وسعت
هوندي به پنهنجي اصل کي اهڙي بنياد تي ڪيل آهي
جيڪو بنياد نبي الله حضرت سليمان عليه السلام ڪيو
هو مسجد جي ڏکڻ اوڀر ڪنڊ ۾ سرداب (ترندي پاڻي جي
جاءِ) آهي ان کان ٢٠ ڏاڪن جي مقدار تي محوط آهي ان ۾
هڪ ڪرهو پٿر آهي جو ٻارن جي پينگهي وانگر اندران تراشيل
آهي چون ٿا ته اهو حضرت عيسيٰ عليه الصلوٰة و
السلام جو پينگهو آهي ۽ اهي سرخ ابي کان اصل مسجد ڏي

صحيح آهي. العلم عند الله سبحانہ. ان جي ويجهو ان جبل تي
حضرت رابعہ بصري ۽ محمد علي جون تربتون هڪ هاڻ
۾ گڏ آهن انهي ويجهو هڪ بيو قبو آهي جنهنکي مصعد
عيسيٰ ڪري ٿي چيائون يعني حضرت روح الله ان
مکان مان مٿي آسمان تي ويو هو مسجد اقصيٰ جي اولهہ
پاسي شهر جي ويجهو حضرت نبي الله داؤد عليہ السلام
جي تربت مسجد ۽ قبو موجود آهي من ڳالهہ جو عجب آهي ته
هيتري ڪشادگي هوندي بہ هي مسجد شريف ۽ هيتري
عظمت هوندي بہ هي بجو شهر جبل جي مٿان بنيل آهي
قدس شهر کان ٦ ميل پري بيت اللحم جو مشهور
شهر آهي اتي نصارن جي هڪ عاليشان مکان بنايل
آهي ان مکان ۾ ست اٺ ڏاڪا هيٺ هڪ بيو تنگ مڪان
آهي جو سوين روپن قنديلن سان سينگاريل آهي جو
اتي حضرت روح الله جي جنم جو هنڌ آهي ان جاءِ جو قبضو
بہ نصارن جي هٿ ۾ آهي ان جاءِ جا دروازا تنهن چيون
سنهي تي تصويرون نڪتل آهن خصوصاً حضرت سيدتنا
بيبي مريم جي چٽيل آهي جنهن ۾ ڪيس هنج تي هڪ ننڍو
چوڪرو آهي هي بيت اللحم شهر حضرت خليل الرحمان
جي زيارت واري رستي تي آهي. هن مکان جي زيارت
ڪري فاتحہ پڙهي حضرت خليل الرحمان صلوٰة الله عليہ
وسلم جي زيارت لاءِ روانا ٿياسين. هتان ١٢ ميل پري

هڪ جبل جي چوٽيءَ تي حضرت يونس عليه السلام جي تربت
۽ مسجد آهي جنهن جي چوديواري سادي ۽ پراڻي آهي
ان کان ڪجهه پاسي رستي کان ٻن ٽن جيتري مفاصلي تي
خليل الله عليه السلام جو شهر آهي حضرت يونس
عليه السلام جي زيارت کان ٧ ميل پري ٻيو شهر بلد الخليل
نالي آهي اهو شهر عمدو آهي جنهن ۾ ٥-٦ هزار ماڻهو
رهن ٿا ان شهر جي آخر ۾ وڏي مسجد ۾ اندر خليلي
خاندان جي حضراتن جون تربتون آهن پهرين پهرين
مرقد مبارڪ حضرت ابراهيم خليل الرحمان عليه الصلوٰة
والسلام جي آهي جا هڪ عمدي پڃري ۾ آهي انهي سامهون
سندس بيبي صاحبه حضرت سارا رض جي تربت آهي ان
کان پوءِ ڪونڊ ڪُٽ الڳي هلي حضرت اسحاق عليه السلام
جي تربت آهي انهي سامهون انهي بيبي صاحبه جي آهي
ان کان اتر طرف ٻئي حاطي ۾ حضرت يعقوب عليه السلام
جي تربت آهي اها پڃري ۾ آهي انهي سامهون انهي بيبي
صاحبه جي تربت ٻئي پڃري ۾ آهي ان کان ڏهه ڪوهن اولهه
طرف الڪريم ابن الڪريم ابن الڪريم
يوسف بن يعقوب بن اسحاق بن ابراهيم علي نبينا عليهم
الصلوٰة والسلام جي تربت موجود آهي. هي سڀ تربتون
نبوت جي خاندان مبارڪ جون آهن جن تي سبز اطلس
جا قبر پوش ۽ پٽ جڙيل آهن فطوبي لزائرها. قدس

شريف جي زيارتن جو احوال آهي جو مختصر طرح بيان کيو
ويو آهي. والسلام.

قدس شريف جي زيارتن کان واندا ٿي ماه صفر جي
١٩ تاريخ منجهند جو ٽن ڄڻن لاءِ ست مجيد پون يعني اٽڪل
١٨ ربيا پائونڊ ڏيئي بگي ڀاڙي ڪري روانا ٿياسين، اٽڪل
چاليهه ميل پنڌ ڪري اڌ رات جو نابلس شهر ۾ پهتاسين
اتي گاڏي اٽڪل ٻه ڪلاڪ ترسي جو گهوڙن کي ڪاڏي ۾
آرام جي سخت ضرورت هئي ۽ انهن کي چوڪائڻ لاءِ ڏنا
ويا سردي ڪري اسين گاڏيءَ اندر ئي رهياسين، رات جو
ٻي بجي مهل وري بگي روانی ٿي صبح جو ٥ بجي مهل بيسله
جي اسٽيشن تي پهتاسين ريل رستو اجا تازو هن اسٽيشن
تائين جاري ٿيو هوان ڪري مسافرخانن جو بند و بست
هت اجا ڪونهي مگر تار ڏيڻ ۽ ٽڪيٽ ڏيڻ جو ڪم ٻه
هڪ ريل جي گاڏي ۾ مقرر ڪيو اٿن جا هو گاڏو اتي
بيٺو آهي اسان اسٽيشن ماستر کي استدعا ڪئي ته رات تر
ترسڻ لاءِ ڪا جاءِ عنايت ٿئي پاعفوله جي اسٽيشن ڏي
اسان کي موڪلڻ جو بند وبست ڪري جتي سڪونت لاءِ
جاءِ هت موجود ڪانهي عفوله ڏي سياڻي رات وڃڻ جو بند و بست
ٿيندو تو هين هنيئر ريل جي گاڏي ۾ آرام ڪريو. ان ڪري
اسان هڪ گاڏي ۾ چڙهي ويٺاسين منجهند جو هڪ ترڪ
آفيسر پنهنجي عيال سوڌو واتي اچي نڪتو ان ڪري اسان کي

کجور ٻين ميون کان تمام گهٽ ٿئي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن اچي
ته بصره جي کجور روءِ زمين تي وڃي ٿي ۽ ان جهڙي ٻي ڪٿي
ڪانهي ته اهو بالڪل سچ ٿيندو

ٻيو ملڪ يمن جو آهي جو ڏکڻ ۾ آهي ان ۾ صنعا. زبيد
بيت الفقيه، وغلان ۽ حضرموت وغيره ڪيئي شهر آهن ۽
ان ۾ هندي وڏي سمنڊ تي ڪنفته، مڪلوءِ عدن بندر
آهن ۽ ڳاڙهي سمنڊ تي مکامران، حديده، ليس وغيره
بندر آهن

هن ولايت جا ماڻهو اڪثر اهل سنت وجماعت جا
آهن بعضي زيدي شيعا پڻ موجود آهن اهل سنت
وارا شافعي مذهب جا آهن عراق جي نسبت هتي علم ۽
دينداري زياده آهي ملڪ گرم آهي پر سمنڊ جي نزديڪي
ڪري عراق کان هو گهٽ گرم آهي ملڪ جي آبادي
گهڻو ڪري مينهن تي آهي ڪٿي ڪٿي جاري چشما به
آهن اناج گهٽ ٿو پيدا ٿئي. ميوا انب ليما ڪيلا نارنگيون
وغيره آهن

ٽيون ملڪ حجاز آهي جو ڏکڻ اوله طرف آهي. ان ۾
مڪه معظمه مدينه منوره طائف وغيره ڪيئي شهر آهن
۽ ڳاڙهي سمنڊ تي جده، رابغ ۽ ينبوع سند س نبد رآهي
هي ملڪ مصر جي حد تائين آهي جتي ڳاڙهو سمنڊ پورو ٿئي ٿو
هن ملڪ جا ماڻهو خاص عرب ۽ اهل سنت جا آهن

جي سخي مرد ۽ مروت وارا آهن جو منجهن ئي رسالت ۽ نبوت
هئي ليڪن هن زماني ۾ ٻاهراري وارن صحرا نشينن جي
طبع تي سختي ۽ بي رحمي غالب آهي ماڻهو عام شافعي
آهن حنفي انهن کان گهٽ مالڪي انهن کان ۽ گهٽ
آهن سيني ۾ گهٽ حنبلي آهن جي نجد ۾ رهن ٿا جي
حقيقت ۾ وهابي آهن ۽ شيخ نجدي جا تابع آهن نڪي
شيخ احمد بن حنبل رح جا. هتي ديندار يوري پيءِ آهي
ملڪ جي هوا گرم آهي ۽ آبادي عربستان جي سيني ملڪن
کان هت گهٽ ٿي ئي ڪٿي ڪٿي چشما آهن جتي
ڪجهن ۽ ليمن جا باغ آهن ليڪن اڪثر آبادي مينهن
تي آهي مڪہ معظمہ ۽ مدينہ منوره جي هت توصيف لکڻ
جو مشهوري سبب ڪو ضرور نٿو پئجي بلڪ ڪمزور جي
زبان شان انهن جي وصف ڪري سگهي جو خود قرآن ڪريم
۾ حق تعالیٰ فرمائي ٿو ته ان اول بيت وضع للناس
للذي ببكة مباركا وهدى للعالمين فيه آيات
بينات مقام ابراهيم يعني ماڻهن لاءِ روءِ زمين تي
جيڪو پهريون عبادتگاهه ناهيو ويو سو اهو آهي جيڪو
مڪہ ۾ آهي اهو برڪت وارو ۽ ماڻهن جي لاءِ هدايت
آهي ان ۾ پڌريون نشانيون حضرت ابراهيم جي بيهڻ
جي جاءِ آهي. اهڙي طرح سڀني جهان جي زمين کان
مدينہ مطهره جي زمين بهتر آهي جو اني حضرت سيد

ڪرڻ هنن جي خاص عادت آهي.

هن شهر جي اوير ۾ خيرالامة حضرت عبدالله بن عباس رض جي زيارت آهي ۽ ان سان گڏ حضرت رسول اڪرم صلعم جن جي بن شهزادن حضرت طيب رض ۽ حضرت طاهر رض جون تربتون آهن جن تي عاليشان عمارتون نه آهن ۽ ير ۾ شهر جي جامع مسجد آهي شهر ۾ ٻيون به گهڻيون مسجدون آهن ليڪن هي حضرت عبدالله بن عباس رض واري مسجد جامع مسجد آهي طائف جي ميون مان انگور، انجير ۽ بادرنگ قابل تعريف آهن هتي هڪ ميوو ٿئي ٿو جو ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ ڪونه ٿو ٿئي ان جو نالو برشوم ٿي چيائون جو سنڌي زيتون جيترو ٿو ٿئي ۽ ڪل ڪنب واري اسٽ جا چا ٿو سالاهي آهي ان ۾ اندر حلوه جهڙو مٺو ٿئي ۽ خوشبودار مغز ٿو ٿئي هن ملڪ ۾ شهتوت تمام جام ٿئي ٿو مڪه مڪرمه کان طائف ڏانهن ٻه رستو آهي جو عرفات جي جبل وٽان لنگهي ٿو اهو جبل ارڙهن ڪوه آهي پران رستي ۾ وڏا جبل آهن تنهنڪري انن جو قافلو ان رستي تان اچي وڃي نٿو سگهي باقي گهوڙن ۽ خچرن وارا ان تان جام ٿا اچن وڃن جي انن جي ٻهرن ۾ اچي ٽڪنڊ آهن

جو ٿون ملڪ شام آهي جو اتراولهه پاسي آهي هن جي اولهه ۾ اچو سمنڊ ريلو نوچ سمنب ؟ آهي هن ۾ دمشق نابلس بيت المقدس، حلب، حمص وغيره مکيه شهر آهن ۽

هنن پنهنجي ملڪن جي ٻولي عربي آهي اگرچه انهن ۾ بعضي ٿورو ٿورو تفاوت آهي. جيئن ته عراق ۾ سامان کي غرض غرض تائين ته نجد ۽ يمن ۾ عفش ۽ حجاز ۾ سامان کي حوائج تائين ته شام ۾ اواعين. انهن جي خوراڪ ۽ پوشاڪ ۾ به گهڻو تفاوت آهي سختي ۽ بيرحمي ۾ ۽ ذاتي ڪوڙائي ۾ سڀ هڪ جهڙا آهن مگر يمن وارا ٻين کان نرمي ۽ دلداري ۾ زياده آهن.

عفوله ۾ ٽي ڏينهن بيڪار ويٺا هواسين ٽئين ڏينهن شام جو شام شهر کان ريل آئي في ماڻهو سوا نو قرش صاغ يعني سوا رپيو ڀاڙو ڏيئي ريل تي چڙهياسين ۽ هڪ ڪلاڪ مسافري بعد حيفا ۾ اچي پهتاسين ۽ حجازي لوڪنديءَ ۾ پنهنجن رفيقن سان اچي ملياسين. لوڪنده جو نالو وچيم آيو آهي ۽ سنڌي ماڻهو هن کان ناواقف آهن تنهن ڪري چتائي ڇڏجي ته شام ۽ مصر جي اصطلاح ۾ مسافرخاني کي لوڪنده چوندا آهن پر اهي هتان جي مسافرخانن جهڙا ڪين هوندا آهن بلڪ انهن جون عمارتون عاليشان آهن جن ۾ ٻه ٽي ماڙيون هونديون آهن انهن ۾ سنگ مرمر جو فرش هوندو آهي هر هڪ ۾ ڪيترائي ڪوٺيون هونديون آهن هر هڪ ڪوٺي ۾ ٢-٣-٤ سٺن بسترن سان پلنگ بيل هوندا آهن پاڻي جا نل ۽ غسلخانا جدا هوندا آهن هر هڪ ڪوٺي ۾ گاسليٽ جي يا برقي روشني هوندي آهي

جي ڀيڻ ڪري جيڪو غم ۽ الم پهچايو هو سو پهتو. انا لله وانا اليه راجعون.

ڪنهن شاعر چيو آهي ته:-

چو ردی نگردد خدنگ قضا
سپر نیست مر بنده را جز رضا

يعني جڏهن قضا جو تير ڪنهن بہ صورت ۾ رد ٿي نہ ٿو سگهي تڏهن بانهي کي رضا تي رهڻ کان سواءِ ٻي ڪا ڏل ڪانهي.

انهي ڪري خدا جي رضا تي راضي رهي حيرت ۽ حسرت ۾ گهڻي دوستن ان کان پوءِ وري ظاهر ڪيا آهن تنهن کان سواءِ مرحوم مغفور سيد غلام شاه حڪيم تنبي محمد خان وارو ۽ پنج ڇهه ڏينهن اڳي گذاري ويو هن خبر غم کي ٻيڻو ڪري وڌو

حاصل ڪلام صبح جي وقت ريل جڏهن اسٽيشن وٽ پهتي جتي سيدن ڀاڄن وارن ۽ ناري وارن مريدن ۽ ماڻهن اچي استقبال ڪئي ۽ اتان هلي ريل ميرپور خاص جي اسٽيشن تي اچي بيٺي جتي غلام محمد خان ٻگهڙي، آخوند عطا محمد سب انجنيئر ستارو وارو ۽ برخوردارم صاحبزاده عبدالسلام جان محمد اسماعيل ۽ يعقوب جان ۽ برخوردار محمد هاشم جان ڪيترن مخلصن ۽ ٻين ماڻهن سان گڏ استقبال لاءِ آيا هوا جنهن جو ريل حيدرآباد اسٽيشن

ٿي ڇهتي. تنبي محمد خان واري ريل ۾ ٣ ڪلاڪ ديرهئي
ان ڪري اسٽيشن واري باغ ۾ اچي آرام ڪيوسين.
تنبي محمد خان وارا باقي ماڻهو ۽ برخوردار عبدالستار خان
۽ پيادوست سڀ اچي آيا. غلام محمد خان مانيءَ ڪشادي
ڪئي هئي ۽ سڀني جماعت جي خدمت ڪيائين. ٿي بجي اتان
روانا ٿي اسٽيشن تنبي محمد خان تي پهتاسين اتان
گهوڙي گاڏيءَ وهتن تي تنبي سائينداد ۾ غريب خانن
۾ وچي پهتاسين.

تاريخ ١٧ ربيع الاول سنه ١٣٣٣هه جو خيريت سان
سيني رفيقن سميت اچي پهتاسين باقي عزيزن کي الحمدلله
ته خيرو عافيت سان اچي ڏٺوسين.

سڀ تعريف ظاهر ۽ باطن الله تعاليٰ جي لاءِ آهي
سين الله تعاليٰ کان سوال ٿا ڪريون ته اسان جي
سيني دوستن جي ۽ سيني مسلمانن جي عاقبت بحرمت
سيد المرسلين جي چڱي ڪري ان تي ۽ ان جي اولاد ۽
صحابن تي الله جون صلواتون ۽ برڪتون ۽ سلام هجن

آمين آمين

ختم شد

# مخدوم محمّد هاشم ٺٽوي عليہ الرحمة

سنڌ جي انهن هستين مان جن تي اسان جو وطن بجاءِ ناز ڪري سگهي مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمة به هڪ آهي هتي سندس نسب هن ريت بيان ڪيل آهي. محمد هاشم بن عبد اللطيف بن عبد الرحمان بن محمد قاسم بن خير الدين الحارثي القريشي.

مخدوم صاحب جو والد بٺوري جي شهر ۾ رهندو هو جتي ١٠ ربيع الثاني سنہ ١١٠٤ هجري ۾ مخدوم صاحب تولد ٿيو

مخدوم صاحب پنهنجي ابتدائي تعليم پنهنجي والد وٽ شروع ڪئي ٦ مهينن ۾ قرآن شريف ختم ڪري ان کان پوءِ ڪجهه ڪتاب پنهنجي والد وٽ پڙهي ٺٽي ۾ مخدوم صاحب محمد سعيد عليہ الرحمة وٽ عربي علومن جي تعليم شروع ڪيائين ان کان پوءِ مخدوم ضياء الدين عليہ الرحمة ٺٽوي وٽ باقي سمورا ڪتاب پڙهي ختم ڪيائين يعني ٩ سالن جي عرصه ۾ سمورن علومن مان تحصيل ڪري فارغ ٿيو ان وچ ۾ يعني سال ١١١٣ هہ ۾ سندس والد به وفات ڪري ويو ان کان پوءِ مخدوم صاحب بٺوري مان لڏي ٺٽي جي لڳ بهرام پور ڳوٺ ۾ اچي رهيو

ڀاڳي درس تدريس شروع ڪيا ۽ انسان گڏ شريعت
جي پابندي جي ماڻهن کي دعوت ڏيڻ لڳو. بدعات
جي برخلاف زبردست جهاد شروع ڪيائين مگر انهي
ڳوٺ جي پيرن فقيرن کي مخدوم صاحب جون نصيحتون
۽ شريعت جي پابندي راس نه آئي جنهنڪري لاچار ٿي
اتان هجرت ڪري ٺٽي ۾ اچي ويٺا ٺٽو ان زماني ۾ علم ۽
فضل جو مرڪز هو وڏا وڏا عالم ۽ شاعر ۽ صوفي شهر ۾
رهندا هوا مخدوم صاحب جي تشريف آوري کان پوءِ
سندس علمي شهرت ۽ فضيلت جو آواز تمام دور دراز
هنڌن تي پهچڻ لڳو هزارين شاگرد فيض جا طالب
سندس خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لڳا سندس علمي شهرت
جو آواز حڪومت جي دربار تائين به ويو جيتو مخدوم جي
اوج واري زماني ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جو سنڌ ۾
راڄ هو جو پڻ مخدوم صاحب جي معتقدين جي سلڪ
۾ پوتل هو ٺٽي ۾ ڪجهه ته شيعه مذهب جو زور هو ڪي
عالم بالتفضيلي مذهب رکندڙ هوا ۽ شهر ۾ قبر پرستي جو
سخت رواج هو ۽ بدعات جو تمام زور هو
مخدوم صاحب ٺٽي ۾ اچڻ کان پوءِ سني تماشبين
علمائن تي رد ڪرڻ شروع ڪيا ۽ تابوت سازي ۽ ماتمداري
جي برخلاف ڪوشش ورتي ۽ ان جي قبرن تي جي واري
بدعت جي بيخڪني جي پوئتان پيو جنهن ڀڪ حد